# سنڌ آرڊيننس نمبر X مجريہ 2005

# SINDH ORDINANCE NO.X OF 2005

# ڊائو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز (ترميم) آرڊيننس، 2005

# THE DOW UNIVERSITY OF HEALTH SCIENCES (AMENDMENT) ORDINANCE, 2005

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. 2004 جي سنڌ ايڪٽ نمبر X جي دفعہ 4_B جي داخلا

Insertion of section 4_B Sindh Act No. X of 2004

# سنڌ آرڊيننس نمبر X مجريہ 2005

# SINDH ORDINANCE NO.X OF 2005

# ڊائو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز (ترميم) آرڊيننس، 2005

# THE DOW UNIVERSITY OF HEALTH SCIENCES (AMENDMENT) ORDINANCE,2005

[17 سيپٽمبر، 2005]

آرڊيننس جنهن جي ذريعي ڊائو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز ايڪٽ، 2004 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ ڊائو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز ايڪٽ، 2004 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جنهن کي هن طرح عمل ۾ آندو ويندو.

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات

1.(1) هن آرڊيننس کي ڊائو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز (ترميم) آرڊيننس، 2005 سڏيو ويندو.

| | | |
|---|---|---|
| Short Title and commencement | هيءُ فوري طور لاڳو ڪيو ويندو. | (2) |
| سنڌ ايڪٽ نمبر X 2004 ۾ دفعہ 4_B جي داخلا<br><br>Insertion of section 4_B Sindh Act No. X of 2004 | ڊائو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز ايڪٽ، 2004 دفعہ 4_A کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل نئين دفعہ کي شامل ڪيو ويندو.<br>"4_B(1) دفعہ 4 جي ذيلي دفعہ (2) جي تحت ڊائو يونيورسٽي ۾ منتقل ٿيڻ واري ڪنهن بہ شخص، جنهن ۾ شامل ان شخص جي بدلي ٿي هجي، پر ان اجا تائين يونيورسٽي کي آگاهہ نہ ڪيو هجي، اهو صحت کاتي جي چونڊ ڪري سگهي ٿو. | 2. |
| | ذيلي دفعہ (1) جي تحت اختيار جو استعمال ڪيو ويندو ۽ ڊائو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز (ترميم) آرڊيننس، 2005 جي شروعاتي نوي ڏينهن جي اندر حڪومت کي پيش ڪيو ويندو ۽ اهڙي طرح استعمال ڪيل اختيار حتمي هوندو. | (2) |
| | ذيلي دفعہ (2) جي تحت اختيارن جي ملڻ تي، حڪومت صحت کاتي ۾ خدمتن جي لاءِ لاڳاپيل شخص کي منتقلي يا جيئن بہ معاملو هجي، جاري رکڻ جي اجازت ڏئي سگهي ٿي. | (3) |

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**